


# هوائن مثان گهر

سیال حیات

سنڌ جا سڄڻو سلام .........

سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام پنهنجي وجود جي پهرين ڏينهن کان جيڪي ڪوششون شروع ڪيون هيون انهن جو مقصد ڪمپيوٽر ۽ خاص ڪري انٽرنيٽ تي سنڌي ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقيءَ جو هيو. سنڌ سلامت سنڌي ٻوليءَ جي ڪتابن جي ذخيري کي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچائڻ لاءِ ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن متعارف ڪرائڻ جو سلسلو شروع ڪيو آهي ۽ ان سلسلي جو هي ڇهون ڪتاب محترم سيال حيات جو "هوائن مٿان گهر" پيش آهي. اسين ٿورائتا آهيون محترم سيال حيات جا، جنهن پنهنجي خوبصورت غزلن جو هي ڪتاب سنڌ سلامت تي پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني آهي. خاص ٿورا سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر ۽ پياري دوست اسد علي سيال جا جنهن جي محنتن سان هي ڪتاب ڪمپوز ڪري اوهان تائين پهچائي رهيا آهيون. مهرباني سنڌ سلامت جي سرپرست محترم نثار احمد ناز جي جنهن سائين سيال حيات جي خوبصورت شاعريءَ جي ڪتاب لاءِ مهاڳ لکي ڏنو.

اوهان سڀني دوستن، بزرگن ۽ ساٿاه وندن جي قيمتي مشورن، راين ، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

**محمد سليمان وساڻ**


**مينيجنگ ايڊيٽر**

**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**

salamatsindh@gmail.com

www.sindhsalamat.com

# ھوائن مٿان گھر




## سيال حيات

(Edited & Designed By: ASAD ALI SIYAL)

**ڪتاب جا حق ۽ واسطا محفوظ**

ڪتاب جو نالو : هوائن مٿان گهر

شاعر : سيال حيات

موضوع : شاعري

ڪمپوزنگ : اسد علي سيال

تعاوُن : سنڌ سلامت

# ارپنا

معصوم مرڪن

مظلوم لڙڪن

بي اختيار ٿهڪن

بي آواز سڏڪن

بي باڪ جرئتن

بي داغ چاهتن

اڻ جهل احساسن

اُجڙيل ارمانن

بي لوث دوستن

بي نانو رشتن

بي تعبير سپنن

بي شمار ساروڻين

۽

بي وس دل جي ڌڙڪن

جي نـــانءُ

سيال حيات

# سيال حيات جي شاعري دل جا تار ڇيڙيندڙ آهي

## نثاراحمدناز

سيال حيات جي شاعري جي هن اي ڪتاب جنهن جو نالو" هوائن مٿان گهر" ئي عام پڙهندڙن کي ضرور متاثر ڪندو. سيال حيات جا جيڪي ٻيو غزل هن اي ڪتاب ۾ آهن هر غزل جو عنوان ئي اهڙو آهي جنهن سان سيال حيات صاحب پنهنجو ڪتاب ڇپائي سگهي ٿو. منهنجي خيال ۾ سيال حيات جا هن ڪتاب "هوائن مٿان گهر" ۾ جملي 50 غزل آهن. پهرين غزل "خواب مان ٻڌجي پوان" کان آخري غزل "دل گُهريئي دلبر جي آ" تائين هڪ هڪ غزل مون باقائده پڙهيو آهي .

سيال حيات جون پهريون چارسٽو ن جنهن ۾ شاعر پنهنجي هن شاعري جي ڪتاب جو عنوان "هوائن مٿان گهر" سهيڙيو آهي :

ارادو مَٽِيو آ سجڻ جو ٻُڌو ٿم،

وِري اڄ اسان ڏي اچڻ جو ٻُڌو ٿم،

اڙي اڻ جهلِي دل، وِري ٿُنهنجا ساڳيا،

هوائن مٿان گهر اڏڻ جو ٻُڌو ٿم..!

پڙهي اندر جا تار ڇڙي پيا، سيال حيات جي ڪتاب جو هي پهريون چار سٽو ڏات ۽ ڏانءُ سان ڀرپور آهي ، تخيل جي اُڏار کان وٺي ڇئن فعولن واري بحر مثمن سالم جي سندس استعمال مان خبر پئي ته شاعر کي پنهنجي ڏات سان گڏ پنهنجي ڏانءُ کي سينگارڻ جو فن به ڀلي ريت اچي ٿو. مونکي ڪنهن پراڻي ڪوي جو شاعر جي باري ۾ هڪڙو پراڻو قول ڀيو ياد اچي ته "شاعر دنيا جو واحد اڪيلو شخص آهي جو هو پنهنجي خيالن جي وهڪري کي سمنڊ جي اجگر ڇولين جيان روانيون ڏيئي پنهنجي ڪويتائن کي نت نوان انڊلٺ جا رنگ ڏيئي عوام الناس کي پاڻ سان گڏ وٺي ٿو هلي" جيئن تمام جدت سان ڀرپور خيال حيات سيال پنهنجي ڪتاب جي پهرين غزل جي چند بندن ۾ ڏي ٿو ته :

ترس مان تنهنجو اکين ۾ ، عڪس ويهاري وٺان.
دل جي ديول ۾ رکيل ، پوتر ڪا ئي تصوير ٿي

دل رکڻ جي لاءِ ڪوڙو ئي دلاسو ڏي ڪٿي
مان وري ايندس سگهو ايڏو نہ دلگير ٿِي.

ٿِي سهارو، ساهہ جو ڪر وار هر واسينگ تي
ڍال ٿِي مظلوم جِي،ظالم جي لاءِ ڪو تير ٿِي

ترس مان تنهنجو عڪس اکين ۾ ويهاري وٺان واري شعر کي پڙهي بي اختيار واهہ واهہ ڪري وينس يا دل رکڻ جي لاءِ ڪوڙو ئي دلاسو ڏي ڪٿي وارو مجازي ڳالهہ دل تي اهڙو لاجواب اثر ٿي ڇڏيو جو وجي ٿيا ست خير هن غزل جو حاصل طلب ۽ شاهڪار شعر ٿي سهارو ساهہ جو ڪر وار هر واسينگ تي ۾ شاعر پڙهندڙن کي بهادري، حوصلي ۽ بردباري جو سڏ ڏيندي مظلوم جي ڍال ۽ ظالم لاءِ تير ٿيڻ جي ڳالهہ ڪري مزاحمتي شاعري جي بلندين تي نظر ٿو اچي اهڙي شاعري سنڌ جي موجوده حالتن ۾ نهايت ئي ضروري آهي ، ڇو تہ موجوده نفسا نفسي واري دور ۾ جتي اسان جي جوڌن سپوت پُٽن حقن جي ڳالهہ ٻُڌڻ ڇڏي ڏنو آهي اتي مونکي يقين آهي تہ حيات سيال جي غزل جو هي بند هڪ جوت وانگر ستل قوم ۾ هڪ اُجالي جيان ثابت ٿيندو. ان کان علاوه هن غزل ۾ پڻ سيال حيات ڏات سان گڏ ڏان وارو فن علم عروض واري بحر تي فاعلاتن ۽ هڪ فاعلن استعمال ڪيو آهي. مونکي سنڌ جي پلوڙ شاعر ايوب کوسي جي ڪتاب ” سنڌ اُداس آهي “ جي هڪڙو مضمون ” شاعري عالمي سچ آهي“ ياد پيو اچي جنهن ۾ ايوب کوسي لکيو هو تہ :

”حقيقت اها آهي تہ رڳو اسان اُهي پهريان ماڻهون ناهيون جن آرٽ جي آڳر جهلي آهي. يا ڪتابن جي ٻنين ۾ شعرن جا فصل پوکيا آهن ۽ ائين بہ ڪونهي تہ اسان اُهي پهريان ماڻهو آهيون ، جن درد جي رڻ ڪڇ ۾ صُبح وجائي شامون لٽائي ۽ راتيون ڪپائي اظهار ڪي هٿيار ٺاهيو آهي ، ائين بنهہ ناهي! اسان کان بہ گهڻو صفا گهڻو اڳ، هنن پٽن ۽ دڳن ۾ ، ٻيلن ، ٻنين ، صحرائن ۾، شهر جي پنجوڙن ۽ ڳوٺن جي ڏُوڙ ۾ ماڻهن زخم ماڻيا آهن دلين درد ڀوڳيا آهن ۽ آڱرين آرٽ تخليق ڪيو آهي“.(ايوب کوسو ڪتاب سنڌ اُداس آهي).

سيال حيات جي هن شاعري ۾ ڀوڳنائن جي سفر کان وٺي آڱرين جو آرٽ چوڏهين جي چنڊ جيان نروار آهي،

ڀاڳ جون سڀ ڀوڳنائون ، ساهہ کان پياريون اٿم ،
سونهن جون ساريون ادائون ، ساهہ کان پياريون اٿم.

دلبرن جيڪي اڇيو، هن ، دل جي دفتر ۾ ڪيون ،
درد جون سي دا خلا ئون ، ساه کان پيا ريون اٿم.

وار تي نئون وار ٿيو ۽ وارجي وئي زند گي،
وقت جون سڀ وارتائون ، ساه کان پيارون اٿم .

جن نماڻپ مان نهاري ، ڪئي نوازش نينهن جي،
ناز واريون سي نگاهون ، ساه کان پيارون اٿم !..

جيڪو شاعر ڀوڳنائن ڪي پنهنجو ڀاڳ سمجهي پنهنجي جيءَ ۾ جايون ڏي اهو شاعر ڪو معمولي ماڻهو ناهي بلڪل ثابت ٿئي پيو تہ حيات سيال حياتيءَ جي رڻ ۾ پنهنجي دردن ڪي پوکي ، پنهنجون سُندر شامون لُٽائي ۽ مهڪندڙ راتيون ڪپائي پنهنجي اظهار ڪي تمام پياري انداز سان پنهنجي شاعريءَ جي

روپ ۾ اسان کي ارپي پيو. سيال حيات جي شاعريءَ ۾ ڪنهن ڪنواري ڪنيا جي چوڙين جي ڪنڪ آهي تہ ڪنهن نرتڪي جي ڇير جي ڇم ڇم بہ آهي، ڪنهن مظلوم جا وهندڙ گرم ڳوڙها بہ آهن تہ وري محبوبا جي پهرين پيار جي پهرين نيهار بہ آهي. " بقول ايوب کوسي جي تہ شاعري جهڙي محبوب ۾ معصوم شُعبي ۾ مٿي جاٽايل رنگن جو شامل رهڻ ان ڪري بہ اڻ ٽر آهي جو ماڻهو شاعراڻي اظهار کي سولائيءَ سان سمجهي سگهن ٿا. شاعريءَ کي محبوبيت ان ڪري بہ ملي ٿي جو اها تخليقي شاعرن وٽ صلاحيت، فڪر، جذبي ۽ احساس جي روپ ۾ پاڻمرادو لهي ٿي".(ايوب کوسو ڪتاب سنڌ اُداس آهي)

سيال حيات جي هن شاعري ۾ مون بلڪل ائين ئي محسوس ڪيو آهي تہ سيال حيات باقائده هڪڙو پختو ۽ برجستو شاعر آهي، جنهن کي لفظن کي ناچ ڪرائڻ جو فن باقائده اچي ٿو جڏهن بہ ان مٿان ذات جي ديوي مهربان ٿئي ٿي هو بغير ڪنهن دير ڪرڻ جي لفظن جا گُلدستا عام پڙهندڙن کي هُڳاءُ جي روپ ۾ ڏي ٿو هن شاعري جي فن سان باقائده نياء ڪيو آهي. مونکي هتي هڪڙي ڳالهہ ضرور لکڻي آهي تہ دنيا جون ساريون لائبريريون تقريبن انٽرنيٽ جي حوالي سان آڱرين جي ٽچ تي آهن پر وري بہ جيڪو مزو ڪتاب هارڊ ڪاپي جي صورت ۾ پڙهڻ جو آهي اهو انٽر نيٽ واري ڪتابن جي پڙهڻ ۾ ڪونهي ، پلي انٽرنيٽ تي ڪوبہ شاعر پنهنجي شاعريءَ جا خزانہ لٽائي ڇڏي پر هو صاحب ڪتاب نٿو سڏجي سگهي. هو تاريخ ۾ امر تڏهن ئي ٿيندو جو هن جا پنهنجا ڪتاب باقائده پرٽنگ پريس مان شايع ٿيا هُجن.

ان ڪري وري بہ اسان کي خاص ڪري مونکي اوسيئڙو رهندو تہ سيال حيات جو هي اي ڪتاب جيڪو سنڌ سلامت جي سُونهن ٿيو آهي اهو باقائده شاعر طرفان يا ادب دوستن طرفان ضرور ڇپايو ويندو. ان کان علاوه هڪڙي بي ڳالهہ بہ ضرور لکڻي آهي تہ اسان جي سنڌي قوم سنڌي ڪتاب خريد ڪري پڙهي ئي ڪا نہ ٿي هڪڙو مخصوص حلقو آهي جيڪو سنڌي ڪتاب پڙهي بہ ٿو پر هو ڪتاب خريد ڪري نٿو پڙهي هو صرف اعزازي ڪتاب حاصل ڪري ئي ڪتاب پڙهندو آهي ، اردو ادب ۾ ڏسو تہ انهن جي شاعري يا ڪهاڻين جا ڪتاب راتو رات کپي ويندا آهن ان ڪري جو انهن ۾ ڪتابن کي پڙهندڙن جو وسيع حلقو موجود آهي.

مون هڪڙي اردو شاعر کان پڇيو تہ تنهنجو هي ڏهون شاعريءَ جو ڪتاب آهي آخر ڪهڙي طرح تون ايتري رقم خرچ ڪري اهي ڪتاب ڇپرائيندو آهين جواب ڏنائين ته ”منهنجي عمر چوڻ لڳو“ ناز پائي جو اداره ميري ڪتابين ڇپواتا هي وه مجهي باقائده اس ڪتاب ڪي رائلٽي پي ديتا هي “معلوم ٿيو تہ اردو ادب وارن ڪي پنهنجي شاعرن جي شاعريءَ سان گڏ شاعر جي حوصلا افزائي ڪرڻ جو بہ اونو رهندو آهي، هتي اسان جي سنڌي شاعرن سان اها ويڌن آهي جو پنهنجي شاعري کي ڇپائڻ واسطي پنهنجي سنڌي قوم کي نت نئين ۽ نڪور سوچ کي همڪلام ڪرڻ لاءِ ٽڪو ٽڪو جوڙي هڪڙو ڪتاب ڇپائي ٿو تہ اهو ڪتاب صرف اعزازي ڪاپيون حاصل ڪرڻ وارن جي ور چڙهيو وڃي جيڪڏهن ڪو شاعر پُلجي ڪنهن ڪتاب فروخت ڪرڻ واري اداري کي ڏي ٿو تہ اهو ادارو سڀ کان پهرين اها ڳالهہ ڪندو آهي تہ جڏهن بہ ڪتاب کپيا تہ پنجويهہ فيصد شاعر جا ۽ پارهن آنا اداري جا. شاعر ويچارو انهي ڳالهہ تي بہ راضي ٿي ويندو آهي پر جڏهن ڪتاب وڪرو ٿي ويندو آهي تہ شاعر کي پنجويهہ فيصد جاٽايل رقم کان بہ جواب آهي يا تہ اها رقم رُٺاڙي رُٺاڙي ملندي آهي.

بهرحال محترم سيال حيات جو جو هي اِي ڪتاب ”هوائن مٿان گهر“ سنڌ سلامت جي محبتي اڱڻ تي شاعري جي حوالي سان هڪ تمام بهترين ڪتاب ثابت ٿيندو، شاعرن کان وٺي عام پڙهندڙ بہ هن ڪتاب مان آنند حاصل ڪندا. آخر ۾ منهنجي دُعا آهي تہ محترم سيال حيات آئنده بہ اهڙا لاجواب غزل تخليق ڪندو رهي ۽ پوري سنڌي قوم اها شاعري پڙهي کيس مِڙتا عيوض پنهنجا پيار وارينديي رهي ۽ جيجل سنڌ جي سيند سائي ٿيندي رهي. آمين.

خيرانديش

خادم الادب ۽ خادم سنڌ

## نثاراحمد ناز

سرپرست اعليٰ

www.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران

# احساس اُڏاڻل ڳوليان پيو . . . . (دل جي دفتر مان)

هوائن مٿان گهر ناهڻ ڪيڏو اٽانگو آهي ان جو اندازو اسد کي ان وقت ٿيو جڏهن هن موجوده ڪتاب جو ٽائيٽل پيج ناهڻ وقت بي وس بنجي مون سان پنهنجا ويچار ونديا ۽ ڪجھ آئيڊيا شيئر ڪرڻ لاءِ چيو. تڏهن مون صرف مسڪرايو ۽ دل ۾ چيم تہ جيڪڏهن سڀ ڳالهيون منهنجي وس ۾ هجن ها تہ اڄ تو وٽ منهنجي شاعري جو E_book ناهڻ وقت الائي ڪيترا ڇپيل مجموعا سامهون پيا هجن ها جن جا ٽائيٽل پيج بہ سنڌ جي ڪنهن نہ ڪنهن سريلي مصور جي هٿن جو هڳاءُ پيش ڪن ها ۽ تون انهن کي صرف Scan ڪرين ها.

خير. . . ! وقت ۽ حالات مون تي سدائين حاوي رهيا آهن ۽ ان ڪان بہ وڌيڪ اثر انداز رهي آهي پنهنجي انا جو ڪيترن ئي مهربانن ڪتاب ڇپرائڻ جي آڇ ڪئي پر احسانن جي بار هينان دفن ٿيڻ جي خوف کان بهتر سمجهيم تہ ڪنهن اڳيان ڪنڌ جهڪائي صاحب ڪتاب بنجڻ کان بهتر آهي تہ صاحب ضمير رهان.

بس پوءِ ڪجهہ شاعري جون ڊائريون خدا جي مخلوق اُڏوهي جي پيٽ پيرڻ جي ڪم آيون. ڪجهہ پنا پراڻا ٿي زبون ٿي ويا ۽ پڙهڻ جهڙا نہ رهيا يا ڪٽي چئجي تہ متي سان ملي متي ٿي ويا ۽ پوءِ ڪجهہ عرصو پاڻ کي بہ اها سوچ ڳڙڪائي وئي تہ جڏهن شاعري ڇپرائڻ وس ۾ ناهي تہ لکي ڇاڪريان . خالي اڇن پنن تي ڪارا ليڪا پائي پنهنجا ليڪا ڇو وڏايان. بس پوءِ هزار خيال آيا تہ بہ پين جي مس سان ملائي پنن تي ڪونہ هاريم. پوءِ وري ڪجهہ سالن کان ڪمپيوٽر عام ٿيا تہ مون بہ جديد ٽيڪنالاجي مان لاڀ حاصل ڪرڻ لاءِ شاعري، ڪهاڻين ۽ ادب کان هٿ ٻڌي هميشہ لاءِ موڪلايو ۽ ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ سڪون ڳولڻ لاءِ نڪتس. پر ڪجهہ سالن کان پوءِ احساس ٿيو تہ پاڻ کي ڪيترو بہ مصروف رکيم پر ذات هڪ پل لاءِ بہ پيڇو نہ ڇڏيو.

تازوئي اسد صاحب جون صلاحون ۽ مشورا ڪجهہ اثرانداز ٿيا تہ جديد دنيا ۾ E-book تي ڪوبہ خرچ نٿو اچي تنهنڪري ڪجهہ نہ ڪجهہ شاعري کي محفوظ ڪجي . سندس دليل منهنجي ڳالهين کان طاقتور هيا تنهنڪري ڪجهہ شاعري سندس حوالي ڪيم . جيئن تہ هي ڪتاب ڇپيل صورت ۾ نہ ڪنهن مارڪيٽ ۾ موجود هوندو نہ ڪنهن لئبرري جي ڪبٽ ۾ ۽ نہ ڪنهن هٿ جي ترءَ تائين پهچندو جو ڪوئي ان ۾ گل رکي. هي صرف نيٽ تي ڪنهن مخصوص ويب سائيٽ تي پڙهي سگهبو يعني هوا جي لهرن ۾

لڙهندو رهندو ۽ هوا جي هٿن سان ئي ورق ورق کولي پڙهي سگهبو. جنهنڪري مونکي مناسب لڳو تہ هن جو نالو بہ هوائن متان گهر هجڻ گهرجي. ڇوتہ جيون جي اٿاهہ جذبن کي جيڪڏهن ڪنهن حنا لڳل هٿن جي حوالي نہ ڪري سگهيم تہ هوائن ۾ تہ اڏاري ڇڏيم ، جتان ڳولڻ وارا پيا ڳوليندا. ۽ مان اجا بہ هوائڻ ۾ اچلائڻ لاءِ ڪي پراڻا اڏاٽل احساس ڳوليان پيو. ڇوتہ جڏهن بہ مان شاعري لکندو آهيان تڏهن من سار جي سنڌوءَ ۾ ترندو آهي ۽ هاڻي ان جا عڪس اسد جي چوڻ ۽ سنڌ سلامت جي ساٿين جي سهڪار سان هوا جي لهرن ۾ لوڙهن سان بہ هڪ اڏار جو احساس ساهہ کي سرهائي ڏئي ٿو.

سـڪ سـلامـت

جيسين

ســـنڌ سـلامـت

سيـــال حيـــات

**پڪا چانڱ ، خيرپورميرس**

1_جولائي _2011

**رابطي لاءِ**

0333_7036311
Siyalhayat_sindh@yahoo.com

# فهرست

1. خواب مان ٻنجي پوان،
2. اڃا اٿ پلي دل
3. زندگيءَ جو سفر ،
4. اوهان جي شهر جا
5. ڀاڱ جون سڀ ٻوڇاڻون،
6. ٻانهن ڪري سيراندي ،
7. رات ٽيندي ٿي شهر ۾،
8. پر نہ ڪوئي، ايمان ڪپائي
9. اسان وقت ۽ حالات جا قيدي
10. مان بہ انائن ۾ ڦيس ڦاسي
11. ڪليا سين، تہ ڪلندي ٿي،
12. ڏينهن ٽاري ، جڏهن ، شام ٽاري ويو
13. محبت ۾ دغا جا ني ،
14. ها جڏهن ڪان ڏار ٿيا سين،
15. ڪو اڃا پي اسان ڪي سنياري پيو ،
16. جيون ، آ جل ٿل ،
17. سونهن جي ڪائنات ،
18. ڪلي ڪلي هر سزا قبوليم،
19. جيون رنگ رتولڙو
20. اڃا ڪوتہ سپنن ۾،
21. اِرادو مٽيو آ ،

22. هُو ٻه چريو،

23. ڪاش گلڙن کي

24. اقرار جي منزل ڳوليندي،

25. پرچندا، رُسندا رهياسين،

26. پيار کي، پاڳلپڻو، اغيار چئي

27. اوهان جي ته دل،

28. سونهن جا سردار مان،

29. جت ذهنن تي هن زنگ لڳل،

30. تپندڙ ڌرتي، ٻرندڙ ماڻهو

31. تانگهه تتل، تندورن وانگي

32. ٻڌايم عشق جا توکي،

33. جنهن ڏينهن، اسان وٽ آيو، اجل

34. اکين کي مليا جو، اکين جا نيا پا

35. اکڙين جي عظمت جو سارو،

36. اڄ اچڻ جي آسري ۾،

37. اوهان جن کي گهمندي گهٽين ۾،

38. اسان ڪاڪ جا جي نه راڻا هئا سين،

39. ڪا ته اندر ۾ اڻ تڻ ٿئي

40. مون ننڊ ڳولي رات ڀر

41. ڪيڏو پاڻي تار،

42. اوهانجي شهر جون،

43. گهڙي ويهه توتان ڪي،

44. جڏهن ڪان جيءُ ۾ جذبن

45. هر نظر تي، بد نظر جي، آنظر

46. اي سونهن سِرن سان راند ، نہ ڪر
47. وهم وڇڙڻ جا پرين،
48. شيشن جا مليل زخم،
49. تون بہ شيشي پور وانگيان،
50. دل گهُريئي دلبر جي آ ،

اِرادو مٿيو آ ، سڄڻ جو ، ٻُڌو ٿم.
وري اڄ اسان ڏي اچڻ جو ، ٻُڌو ٿم.
اڙي اڻ جهلي دل، وري تنهنجا ساڳيا.
هوائن متان گهر اڏڻ جو ٻُڌو ٿم.

سيال حيات

# غزل

# غزل

خواب مان بنجي پوان، تون ڪا حسين تعبير ٿي.
مان مُقدر تنهنجو ٿيان ۽ تون منهنجي تقدير ٿي.

***

ترس مان تنهنجو اکين ۾ ، عڪس ويهاري وٺان.
دل جي ديول ۾ رکيل ، پوتر ڪا ئي تصوير ٿي.

***

دل رکڻ جي لاءِ ، ڪوڙو ئي دلاسو ڏي ڪٽي.
مان وري ايندس سگهو ، ايڏو نہ تون دلگير ٿي.

***

مان ٿيان ميهار، تون سُهڻي ٿي منهنجي ساھ جي.
يا تہ مان رانجهو ٿيان ، تون هرجنم ۾ هير ٿي.

***

ٿي سهارو ساھ جو ، ڪر وار هر واسينگ تي.
ڍال ٿي مظلوم جي ، ظالم جي لاءِ ڪو تير ٿي.

***

منٿ مڃ موٽي ہ آ ، ڪر سوال پورو "سيال" جو.
درد دل جو ڪر ختم ، تون ڪا دوا اڪثير ٿي.

***

# غزل

اجا اڄ پلي دل ، صنم کي ، سڏي پئي.
نئين ڏينهن تي ،نئين ستم کي ، سڏي پئي.

***

اها زندگيءَ جي ، روايت رهي آ .
گلابن جي موسم ۾ غم کي ، سڏي پئي.

***

اکين جي اڏي تي ، اچي آس گھايل.
اجا تيز گھري زخم کي ، سڏي پئي.

***

انهيءَ دل چريءَ جي ، اها دل لڳي جو.
هو قاتل کان نظرِ ڪرم کي ، سڏي پئي.

***

ٽُٽي اعتمادن جي ، پئي آرسي پر.
پڇي پور تي ويل پرم کي ، سڏي پئي.

***

اها "سيال" ڪوئل ڪري ڪُوڪ ، شايد.
صُبح ساڻ رنج و الم کي ، سڏي پئي.

***

# غزل

زندگيءَ جو سفر ، ڪيئن اڪيلي ڪٽيان.
ٿي اچي همسفر ، ٿئي حسين ڪاروان.

***

سُج آ ، رُج آ ، اُج ئي اُج آ.
ڇانورن لئہِ ڏُڪان ، سانورن لئہِ سِڪان.

***

اوپرا ، اوپرا ، پيار جا پيچرا.
ٿيا ڪٿا ڪيترا ، درد جا داستان.

***

هر قدم ، سِر قلم ، هر نظر تي نظر.
ڪيئن توسان مِلان ، ڪيئن توسان ڪِلان.

***

رُوح رولي پيو ، موت ڳولي پيو.
ماڻ ڪيسين رهان ، سُور ڪيسين سهان.

***

هيڪلو مان هتي ، تون رهين پيو ڪٿي؟
"سيال" آهين جتي ، آءُ تہ جهُومان نچان.

***

# غزل

**اوهان جي شهر جا ، تہ پٿر بہ گُل ڦُل.**

**اسان جي شهر جا ، تہ ماڻهو بہ پاڳل.**

***

**ڪٿي سمجهہ تن کي، جو سِر ڪي بچائين.**

**نهاريئي جنين ڏي ، ڪٽي نيڻ قاتل.**

***

**ڏٺي سون رُڳو مُند ، اکڙين وسڻ جي.**

**نہ آ ياد ڪڏهين ، ڪو برسيو آ بادل.**

***

**اها جهاتڙي ، جيءُ جهوري وئي آ.**

**انهيءَ ڏينهن کانپوءِ ، جيون آ جل ٿل.**

***

**سکي سونهن راڻي ، او سپنن جي ملڪ.**

**اُجاڙي ڇڏ يئي خواب ، ڪيڏا نہ ڪومل.**

***

**سچي زندگي "سيال"، ہي دُعا نہ گهُربي.**

**ڪرين جي ڪٽي ، دل جي ڌڙڪن ۾ شامل.**

***

# غزل

**ﭘﺎﮃ جون سپ ﭘﻮﮕﻨﺎﺋﻮن ، ساھ ڪان پياريون اٿم ،**

**سونهن جون ساريون ادائون ، ساھ ڪان پياريون اٿم،**

****

**دلبرن جيڪي اڇي، هن ، دل جي دفتر ۾ ڪيون ،**

**درد جون سي دا خلا ئون ، ساه ڪان پيا ريون اٿم،**

****

**وار تي نئون وار ٿيوِ ۽ وارجي وئي زند گي،**

**وقت جون سپ وارتائون ، ساه ڪان پيارون اٿم ،**

****

**جن نماٽپ مان نهاري ، ڪئي نوازش نينهن جي،**

**ناز واريون سي نگاهون ، ساه ڪان پيارون اٿم ،**

****

**هاڻ يادون چڻ تہ ڪنبر ۽ اُجڙ دل جو شهر ،**

**پور ٿي ويل پا ونائون ، ساه ڪان پياريون اٿم ،**

****

**تون پلي ، تڙپاءِ پيو ۽ پنهنجي دل بهلاءِ پيو ،**

**جانمن تنهنجون جفائون ، ساه ڪان پياريون اٿم،**

****

**“سيا ل ” کهڙي حا ل ۾ آ ، هاڻ ڪاٿي ٿو رهي ،**

**پيا رمان پل پل پچائون ، ساه ڪان پياريون اٿم.**

# غزل

ٻانهن ڪري سيراندي، چنڊ سمهي پيو آ
ٻيڙو ڪو پيراندي ، چنڊ سمهي پيو آ
*****
اڌ تيهين جي رات ، پڪو ٿو شڪ پوي
ٻنجي ڪاٿي ٻاندي ، چنڊ سمهي پيو آ
*****
تارا انجي واٽ ، تڪيندي ٿڪجي پيا
ڪانهه خبر ڪنهن آندي ، چنڊ سمهي پيو آ
*****
ڪيڏا ڳوٺ ، ڳليون ۽ رستا ڳوليندي
رات لڙي هيڪاندي ، چنڊ سمهي پيو آ
*****
چئوڌاري چاهت جي، چاري چاري تي
مڏ م ٿي پئي چاندي ، چنڊ سمهي پيو آ
*****
ٻاڪ ڦٽڻ جي ويلي سمجهئين سورن جي
هاڻ ختم ٿي آنڌي ، چنڊ سمهي پيو آ
*****
اکڙين جي آڪيري ، اوجاڳا ڦٽڪيا
سار اُتي سجڻاندي ، چنڊ سمهي پيو آ
*****
"سيال حيات" سڄڻ جي ديسان شايد ڪو
ڦتو ناهي پانڌي ، چنڊ سمهي پيو آ
*****

# غزل

راتِ ٽيندي ٿي شهر ۾، روشنيون جهومڻ لڳيون
سخت ٻانهن ۾ ڪي نازڪ، زندگيون جهومڻ لڳيون

*****

ساهه جي، سرگوشين جو، ساز ڇيڙيا ، سانت ۾
سونهن، سُندرتا جون ساريون ،ساعتون جهومڻ لڳيون

*****

مُرڪ جو وِڪري ، رخِ مهتاب تي، مونکي ڏسي
ڪي اکين جي در ازل جون ، آٿتون جهومڻ لڳيون

*****

هٿ مٿان ڪاڏي رکي ، جو پيار مان گهوري ڏٺئي
عشق جي ايوان ۾ سڀ ، بندگيون جهومڻ لڳيون

*****

ٻارڙو ، پوپٽ ڪي پڪڙڻ لاءِ جو ڊوڙڻ لڳو
گل جي سيني پنکڙين تي، پارتون جهومڻ لڳيون

*****

رات ڪافي وئي لڙي آ ، هاڻ موڪل ڏي وڃان
لفظ روئي پيا لبن تي ، لرزشون جهومڻ لڳيون

*****

“سيال” ڏي آئين هلي ، سڪ مان ئيري جو پيرڙا
ڳوٺ منهنجي جي ڳلين جون، قسمتون جهومڻ لڳيون

*****

# غزل

**پل کو ٻيڙيون، پان کپائي**

**پر نہ کوئي، ايمان کپائي**

*****

**گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ هُو گهورارو**

**جيون لئِ ٿو، جان کپائي**

*****

**پيٽ پرڻ لئِ پورهيت، ٺاهي**

**پٿر جو ، ڀڳوان کپائي**

*****

**سو ماڻهو کهڙو ماڻهو؟ جو**

**مانيءَ لئِ ٿو ، مان کپائي**

*****

**ان ۾ کهڙي انسانيت ، جو**

**پئسي تي ، انسان کپائي**

*****

**ٻُڪ وِگهي ، هُو نيٺ نِڪمو**

**گهر جو، سڀ سامان کپائي**

*****

**نياڻي وڪڻي ائين ، نياڻي**

**هوٽل تي جڻ ، نان کپائي**

*****

تنهنجي ديس ۾، ڪو ديوانو
دل جو ويڙهو، دان ڪپائي

*****

"سيال حيات" نہ ڪوئي پنهنجا
آسون ۽ ارمان ڪپائي

*****

# غزل

اي يار، اسان وقت ۾ حالات جا قيدي

نيڻن ۾، نظر بند ، حوالات جا قيدي

*****

محفل ۾ مليا نيڻ، تري مُرڪ چپن تي

محبوب سان ان هڪڙي ملاقات جا قيدي

*****

جو چور ڪي بہ چور چوڻ کان ٿو لنوائي

سو مصلحت جو آ يا مفادات جو قيدي

*****

ڪو پير ڪو مريد ڪو، پوتار ڪو نوڪر

دل جي دنيا کان دور، سي درجات جا قيدي

*****

يا پيار ڪريون يا تہ پڏون پيٽ سان پٿر

اوچڻ ۾ اجهي جي سدا فڪرات جا قيدي

*****

ڪو سوچ ۾ صدام ڪو بُش بي لغام آ

سڀ پنهنجي پنهنجي فن جي ڪمالات جا قيدي

*****

آ "سيال" اسان زندگي هن ريت گذاري

خوابن جا مسافر ۾ خيالات جا قيدي

*****

# غزل

**مان بہ انائن ۾ پيس ڦاسي،تو بہ سڪيون ڪي بي پرواهيون**

**جذبن ڪي ويون برف بنائي، احساسن جون سرد هوائون**

*****

**ڪيڏا چاهت چنگ وڄا پر ، تو تائين، آواز نہ پهتو**

**بند دريون، در تنهنجي دل جا ، سُڏڪي موٽيون ساز صدائون**

*****

**هاڻي تون ٻي پار اُڏرڻو، موٽي مون وٽ ناهين ورڻو**

**مينهن اکين جو ناهي اڪرڻو، رم جهم هاڻي سپ رچنائون**

*****

**ساٿِيئڙا پل سار نہ مونکي، پل پر جو ڏي پيار نہ مونکي**

**پوءِ تہ پل پل ياد ڪندين پيو، ڏورجڏهن تي ويندس آئون.**

*****

**تن نہ رهين جي جيون ۾ پوءِ، جهوراڻن ڪي جهل نہ ڪائي**

**هاڻ جهڪون هر پاسي جهولا، ڪاڏي ويون هو ٽڏڙيون ڇائون**

*****

**ڪالهہ تہ پلڪن ساڻ ڍڪئي ٽي، هر جاءِ تي هئا هٿ هٿن ۾**

**هاڻ تہ زلفن جون بہ پري هن، هو گهاٽيون گهن گهور گهٽائون**

*****

**"سيال حيات" جا سهڻا سانول، ڪين هئاسين تنهنجي قابل**

**ها پر پوءِ بہ حياتي ساري، دل ۾ هونديون دم دم دعائون.**

*****

# غزل

**ڪليا سين، تہ ڪلندي ئي، روئي پياسين**

**ملياسين، جڏهن پي تہ، وڇڙي وياسين**

*****

**ڏکيا هئا گهڻا ، پنڌ دل جي شهر جا**

**اکين جي سفر ۾، عمر ڀر رلياسين**

*****

**جڏهن جنگ جيون جي جوٽيسين جانان**

**جيئڻ لئہ جلياسين، جلڻ لئہ جياسين**

*****

**اميدون عذابن ۾ ، آٽت پيون ڳولن**

**نہ واپس ورياسين ، نہ تو وٽ پڳاسين**

*****

**انڌيرن جو چادر وڇائڻ شروع ڪئي**

**تڏهن ٻاٽ ۾ تي ، ستارا ڪڙياسين**

*****

**ٿيو سج، نيزي ۽ ڌرتي، تي ٽامو**

**تڏهن مينگهہ ملهار وانگر وسياسين.**

*****

**ڪڏهن هٿ پُسي ويا ،اُگهي لڙڪ ٻين جا**

**ڪڏهن پنهنجا ڳوڙها نہ روڪي سگهياسين**

*****

**ڪِلي "سيال" سِرڙو ڏنو سين سڄڻ کي**

**نہ رنج تي رُناسين، نہ تڙپيا لُڇياسين**

*****

# غزل

ڏينهن ٺاري ، جڏهن ، شام ڏاري ويو.
يادگيريون سيئي ، هت وساري ويو.

****

سير ۾ ساٿ ڏئي ، ويو ڪنن ۾ چڏي.
ڪير چئي ٿو ، ڪناري اُڪاري ويو.

****

هِن طرف، هُن طرف، هر طرف، هُو وسي.
نقش اهڙا اڪين ، ۾ اُتاري ويو.

****

دل جي ڪعبي منجهان، وهم جا بُت ڪڍي.
عشق سان من اندر ، ڪي اُجاري ويو.

****

زندگي قيمتي هئي، تڏهن پئي خبر.
پيار جي ڪو نظر سان نهاري ويو.

****

مُرڪ ميڙي سڄي ، پاڻ سان ويو ڪٽي.
۽ ڇڏي "سيال" ، سُڏڪن سهاري ويو.

****

# غزل

محبت ۾ دغا جا ني , نہ تون ڄاڻين نہ مان ڄاڻان،
سڏائڻ بي وفا جا ني , نہ تون ڄاڻين نہ مان ڄاڻان،
*****
اسان هڪ سان محبت ڪئي اسان هڪ جي عبادت ڪئي،
ہ تي جڳ ۾ خدا جاني، نہ تون ڄاڻين نہ مان ڄاڻان،
*****
سوين سونا سڪا آڻي ، زمانو دل ڪي توري ٿو،
مگر اهڙي خطا جاني ، نہ تون ڄاڻين نہ مان ڄاڻان،
*****
اسان دردن سان دل لاتي ، ملي هي ڏات ڏکڙن ڪان،
ڪرڻ غم جي گلا جاني ، نہ تون ڄاڻين نہ مان ڄاڻان،
*****
اندر ۾ باهہ پڙڪي پر , ملون هُن غير سان مُرڪي،
اها ڪوڙي ادا جاني ، نہ تون ڄاڻين نہ ما ن ڄاڻان،
*****
قيا مت جي عذابن ڪان، ڏکيو آ غم وڇوڙي جو،
رهڻ تڏهن جدا جاني، نہ تون ڄاڻين نہ ما ن ڄاڻان،
*****
اسان بس پيار پوڄاري ، اسان بس سونهن جا سا ئل،
ڏيڻ دردر صدا جاني ، نہ تون ڄاڻين نہ ما ن ڄاڻان،
*****
حيا تي "سيال" آ جيسين ، سلامت سات پيو رهندو،
ڇنڻ نا تا ، پڪا جاني ، نہ تون ڄاڻين نہ ما ن ڄاڻان،
*****

# غزل

**ها جڏهن ڪان ڌار ٿيا سين، پاڻ ٻئي**

**تڙپندا، لڇندا، رهيا سين، پاڻ ٻئي**

*****

**زندگي ، تنها ، گذاريسين سڄي**

**پر ڪٿي تنها مليا سين ، پاڻ ٻئي**

*****

**ڪوزمين پيرن جي هيٺان ويوڪڏي**

**ٿورڙو، گڏجي هلياسين ، پاڻ ٻئي**

*****

**دل جو تحفو ، درد جي نالي ڪري**

**دار ڏي ، وڏندا وياسين، پاڻ ٻئي**

*****

**پيار ٻوليو ، ٿر جي ٻاٻيهي جيان**

**مينهن وانگرپئي وسياسين ،پاڻ ٻئي**

*****

**ريت ۽ رسمن جي ڪاري ڪوٺ ۾**

**بي خطا باندي بڻياسين ، پاڻ ٻئي**

*****

**مرڪ ۽ ڪجھ لڙڪ جيون ڪان مليا**

**ڪجھ رُناسين ڪجھ ڪِلياسين، پاڻ ٻئي**

*****

**گهاءُ ورتا سين ، گلن بدلي "حيات"**

**"سيال" ڪي سادا هياسين، پاڻ ٻئي**

*****

# غزل

ڪو اجا پي اسان ڪي سنياري پيو، ان جي آلين اکين جي ڪهاڻين چيو
دل مٿان درد جي دز وئي آ چڙهي، من مندر جي صحن جي ڪهاڻين چيو

*****

ديد انجي بہ شايد جهڪي ٿي وئي ۽ هٿن مان بہ طاقت ڇڏائي وئي
ڪا بہ ترتيب لفظن ۾ ناهي رهي، هُنجي تازن خطن جي ڪهاڻين چيو

*****

شخص هڪ ڇا ويو آ شهر ڪي ڇڏي ساري ويڙهي ۾ ٿي سڄ واڪا ڪري
سال ٿيا هن جي پيرن جي آهٽ ٻڌي، پنهنجي گهرڀ گهٽين جي ڪهاڻين چيو

*****

ڪو شڪاري جڏهن تير تاڻڻ لڳو يا پري ڪان پئي باز تي ڪا نظر
ساهہ پيارو گهٽو، زندگي آ مني، وڻ تان اڏريل پکين جي ڪهاڻين چيو

*****

گل نہ ڪوئي ٽڙيو ۽ نہ گونچ ئي ڦٽا ، پن بہ پيلاڻ مائل ٿي ڇڻندا رهيا
شل نہ مالهي رسي شل بهارون هجن ڪنهن تہ اجڙيل چمن جي ڪهاڻين چيو

*****

دل ۾ دردن جي شدت جو ڪاٿو ڪرڻ ، سڄ اڳيان آرسي جي برابر اٿئي
آهہ ۾ باهہ، جا تيز شعلا پريل، خشڪ ٿي ويل ڇپن جي ڪهاڻين چيو

*****

ٻُڪ ۽ ڏڪ، جيون ڪي جهوري وڌو، ڏينهن جوين سندا ڏنگ مارڻ لڳا
ڪنهن مسافر نہ ڪئي ڇانوري جي طلب، چيڙ ٿي ويل ڇڳن جي ڪهاڻين چيو

*****

ڇاهہ جي راهہ ۾ چين هوندو نہ آ، ”سيال“ هر حال ۾ درد لِڪ ديس جا
ڏات توکي ملي، بي سبب ڪونہ آ، ڏيهہ تنهنجي ڏکن جي ڪهاڻين چيو

*****

# غزل

ڳوڙهن ڌوتا ڳل ، اوهان کان پوءِ سائين
جيون ، آ جل ٿل ، اوهان کان پوءِ سائين
*****
گهاٽي منجهه ، گهڙي هر ڪائي گذري ٿي
پيڙي ٿو هر پل ، اوهان کان پوءِ سائين
*****
ساروڻين ، جو ساٿ ڳنڍيو آ، ساهه اندر
آسون ٿيون اڻ جهل، اوهان کان پوءِ سائين
*****
هر ڌڙڪن ۾ ، تنهنجو نانءُ اچاري پئي
دردن ماري دل ، اوهان کان پوءِ سائين
*****
تون ڇا وڇڙين، واٽون ساريون وسري ويون
گُم ٿي وئي منزل، اوهان کان پوءِ سائين
*****
خوشين جو هو خال ، سو جيون ۾ هاڻي
درد ، ٿيا شامل ، اوهان کان پوءِ سائين
*****
ڪهڙي حال ٿو هاڻي "سيال حيات" رهي؟
ڪير نه لهندو ڪل، اوهان کان پوءِ سائين
*****

# غزل

**سونهن جي ڪائنات ، تون آهين**

**درد ، غم کان نجات ، تون آهين**

*****

**پيار جو هر پنو ، پڙهايو تو**

**نينهن جا سڀ ، نڪات تون آهين**

*****

**دل جي گلشن ۾ جيڪا گونجي ٿي**

**سا تہ ڪوئل جي لات ، تون آهين**

*****

**تو جياپي جي جوت ، جاڳائي**

**موت منهنجي جي ، مات تون آهين**

*****

**ٿو تصور جي، تار ڪي ڇيڙين**

**طلب ۽ تانگهہ ، تات، تون آهين**

*****

**منهنجا سپنا ، جتي ستارا ٿيا**

**چوڏهين چنڊ رات ، تون آهين**

*****

**“سيال” تنهنجو حيات آ ليڪن**

**اُن لئہِ آبِ حيات ، تون آهين**

*****

# غزل

كلي كلي هر سزا قبوليم، سزا سڄي بي خطا قبوليم
نگاهِ قاتل گواه رهجان، ستم جي ساري، عطا قبوليم

*****

قدم قدم تي اسان ڪُناسين، ڪندا رهياسين گُناهِ اُلفت
اوهانجي گهُورُن بہ گهاءُ بخشيا ، عذاب جهڙي ادا قبوليم

*****

اکين ۾ تاندا ٻري پيا ۽ چپن تي، توهر ڦٽي پيا هِن
زخم زخم، زندگي سموري، ستمگرن جي سخا قبوليم

*****

گهٽوئي پنهنجي انا تي سوچيم ، گهٽوئي جيون فنا تي سوچيم
پٿر جي بت کي نئي مجيم پر، اوهان مٿان ٿيڻ فدا قبوليم

*****

ديارِ غم کان هليون هوائون ،خوشين جو گلشن ويون اُجاڙي
وجود کي چڻ وِچون ڏنگي ويا جڏهن کان ٿيندين جدا قبوليم

*****

خلوص سان دلبرن جي قدمن ، سمورو جيون رکي ڇڏيوسين
اُميد آ ، من ڪڏهن چوي هو، "حيات" تنهنجي وفا قبوليم

*****

# غزل

**جيون رنگ رتولڙو**

**پاڻياريءَ جو چولڙو**

*****

**مونکي ڏار نہ ڀائنجان**

**آهيان تنهنجو اولڙو**

*****

**هيل هوائن ۾ ڀُريو**

**ٻيجل جو ڪو ٻولڙو**

*****

**روئندو رهجي ٻار ويو**

**ڪانءُ ڦري ويو لولڙو**

*****

**جيڪي ساڪي سونهن جا**

**آءُ ، انهن جو، گولڙو**

*****

**يار وڇوڙي جو ، اچا**

**روز گهلي ٿو جهولڙو**

*****

**جيون "سيال حيات" جو**

**آءَ تہ ٿي پئي سولڙو**

*****

# غزل

**اڃا ڪوٽ سپنن ۾ ، توکي ڏسي ٿو**

**پٽائي جي بيتن ۾ ، توکي ڏسي ٿو**

*****

**صبح ويل رابيل گجرن ۾ پوئي ،**

**اگهي ماڪ مکڙين ۾ توکي ڏسي ٿو**

*****

**سڄي سنڌ جي تو ۾ خوشبو سمايل**

**۽ ڪينجهر جي ڇولين ۾ توکي ڏسي ٿو**

*****

**تون ان لاءِ ڄبران جي ڪا کهاڻي**

**بخاري جي گيتن ۾ ، توکي ڏسي ٿو**

*****

**اندرجيءُ جهاتي وڌي جنهن ٻه هوندي**

**اهودل جي ڌڙڪن ۾، توکي ڏسي ٿو**

*****

**جو مندر ۾ ٿو ، مورتين کي سجائي**

**سوديوي جي درشن ۾ ، توکي ڏسي ٿو**

*****

**اوهان مرڪ جي ماڪ جنهن تي وسائي**

**سڄي سو ته جيون ۾، توکي ڏسي ٿو.**

*****

**پرين نيهن نگري ڏي جيکي وڃن ٿا**

**انهن“سيال”رستن ۾، توکي ڏسي ٿو**

*****

# غزل

اِرادو مٽيو آ ، سڄڻ جو ، ٻُڌو ٿم.
وري اڄ اسان ڏي اچڻ جو ، ٻُڌو ٿم.
*****
ڇيو چنڊ کي مون ، وڃي ننڊ ڪر تون.
پِياري پرينءَ جي پُڄڻ جو ، ٻُڌو ٿم.
*****
اکيون ڇا اڙايم ، اوهانجي اکين سان.
ڪروڙن ڪان پنهنجي ڪُسڻ جو ٻُڌو ٿم.
*****
ڪريان دل جي ڌڙڪن کي قابو بہ ڪيسين.
سيئي خواب ساپيان ٿيڻ جو ٻُڌو ٿم.
*****
اڙي اڻ جهلي دل، وري تنهنجا ساڳيا.
هوائن متان گهر اڏڻ جو ٻُڌو ٿم.
*****
جُدائي متان ، ٻي جنم ۾ ختم ٿئي.
هي جيون تہ جيئري جلڻ جو، ٻُڌو ٿم.
*****
لڳي ٿو تہ هُن "سيال" ، ناهي وساريو.
وري درد مونکي ڏيڻ جو ، ٻُڌو ٿم.

# غزل

**هُو بہ چريو، ديوانو، چئي ٿو**

**چاهت کي، افسانو، چئي ٿو**

*****

**ڦٽ پاتي، هڪ پاڳل ماڻهو**

**اکڙين کي آشيانو، چئي ٿو**

*****

**تو کان پوءِ تہ ساري جڳ کي**

**وک وک تي، ويرانو چئي ٿو**

*****

**سمنب سڄي کي، هڪڙو ساڏو**

**اڻپورو ، پئمانو ، چئي ٿو**

*****

**سوريه سنڌي، ڦاهيءَ ڦندو**

**ڳل، ڳچيءَ جو ڳانو، چئي ٿو**

*****

**"سيال حيات" اوهان جي تر کي**

**محبت جو مئخانو، چئي ٿو**

*****

# غزل

**ڪاش گلڙن کي ۽ ڪنڊن کي سجاڻون**

**غير کي سمجهون ۽ پنهنجن کي سجاڻون**

*****

**ٻين جي عيبن تي، نظر ڦيرڻ کان اڳ۾**

**هڪ گهڙي جي، پنهنجي جيون کي سجاڻون**

*****

**جنهن کي ديوانو چئي ٿا ، ٺهڪ ڏيون پيا**

**اڄ اچو انجي ٻہ ، اُڏمن کي سجاڻون**

*****

**ظاهري مرڪن تي موهت ٿيڻ کان پهريان**

**ساهہ ۾ سانديل تہ ، سڏڪن کي سجاڻون**

*****

**ڏاک ڏاريئي جي ٻڏي چو ڊهلجون، جي**

**قرب جي ڪيچين جي، قدمن کي سجاڻون**

*****

**گهاءُ ڏيندڙ کي نہ ڳوليوسين ، ڪڏهن پِي**

**پاڻ بس، گهايل جي ، زخمن کي سجاڻون**

*****

**هر سفر پنهنجو، سڻائو ٿي پوي ، جي**

**سونهن سندرتا جي، ساٿين کي سجاڻون**

*****

**"سيال" چو پٽڪون، اسان ائين دربدر ٿي**

**جي پٽائيءَ رحہ جي تہ ، ٻيتن کي سجاڻون.**

*****

# غزل

اقرار جي منزل ڳوليندي، انڪار جي ماڳ تي پهتاسين
اعتبار جي ٻيڙين ۾ لُڙهندي ، اغيار جي ماڳ تي پهتاسين
*****
غيرن جا گهڙيل هئا گهاٽ مگر سازش ۾ صلاحو سڀڻ ٻه هئا
پر صبر سهاري ، ڪين اسان ، تڪرار جي ماڳ تي پهتاسين
*****
رڻ پٽ صحرا جا رند پُڇي ۽ پريم نگر جا پنڌ پڇي
هڪ دل جي دنيا ساڻ ڪري ، دلدار جي ماڳ تي پهتاسين
*****
ڪجھ رات رني، ڪجھ بات رني، ڪجھ جيت رني، ڪجھ مات رني
هڪ ڏينهن جڏهن تون مان گڏجي، ڪنهن سار جي ماڳ تي پهتاسين
*****
جي پيار، وفا جا پانڌيئڙا ، سي ڪلفت جي ويجهو نہ ويا
جي پيڙائن، پئي پاند پريا ، تہ بہ پيار جي ماڳ تي پهتا سين
*****
ڪجھ سال گذر ٿيا سجدن ۾ ۽ عمر کپي وئي آزين ۾
مس مس تہ نقاب هٽيا ۽ مس، ديدار جي ماڳ تي پهتاسين
*****
هن پيار ڏنو ، پر دل ورتي، ڪجھ درد ڏنا ، سُک چين وتو
اي "سيال حيات" اسان شايد ، وڻجار جي ماڳ تي پهتاسين
*****

# غزل

پرچندا ، رُسندا رهياسين ، تنهنجون يادون ۾ اسان
روئندا ، کلندا رهياسين ، تنهنجون يادون ۾ اسان
*****
هر طرف نظرون ڊڪيون ، پر ڏور منزل جو نشان
دربدر ، رُلندا رهياسين ، تنهنجون يادون ۾ اسان
*****
جرم الفت کي پرين ، دل سان قبوليوسين جڏهن
پوءِ تہ پئي جلندا رهياسين ، تنهنجون يادون ۾ اسان
*****
زندگي کان ڏور ، تنهائي جي هر هڪ موڙ تي
مُرڪندا مِلندا رهياسين ، تنهنجون يادون ۾ اسان
*****
تون ڪڏهن ملندو رهئين ۽ پوءِ جدا ٿيندو رهئين
گڏ سدا ، هلندا رهياسين ، تنهنجون يادون ۾ اسان
*****
دل جي بي صبري هٿان ۽ تنهنجي مغروري هٿان
سئوستم سهندا رهياسين ، تنهنجون يادون ۾ اسان
*****
هئي سچائي پيار ۾ ، سو "سيال" هر پيري "حيات"
موت سان وڙهندا رهياسين، تنهنجون يادون ۾ اسان
*****

# غزل

**پيار کي، پاڳلپڻو ، اغيار چئي پيا چون**

**تون نہ چئو باقي سڀ،سنسار چئي پيا چون**

*****

**عشق کي ايمان چئو، اتساھ چئو، ويساھ چئو**

**ڪو اناڙي عشق کي، آزار چئي پيا چون**

*****

**هو تہ ديوانو آ، هُن جي، سوچ تي چا تبصرو**

**هو تہ ٿو هر درد کي، دلدار چئي پيا چون**

*****

**تون تہ ٻولي جي اُچارن جو صحيح ڪر استعمال**

**لفظ ٻاتا ، ٻاتڙو ڪو، ٻار چئي پيا چون**

*****

**جي نہ ٿو توکي وڻي ، تون ڪن نہ ڏي آواز تي**

**گيت ديوانو، سرِ بازار چئي پيا چون**

*****

**ڪاڻ ڪيٻي ڪانہ، ڪنهن ڪمذات جي چا ٻي ٿئي**

**پر حُڪم کو صاحبِ اختيار چئي پيا چون**

*****

**چو پيا معبود ڪنهنجي تي ڪرين ، تنقيد ٿو**

**سونهن کي جي "سيال" ٿو سردار چئي پيا چون**

*****

# غزل

**اوهان جي تہ دل ، ڪوهسارن جا منظر**
**اسان جون اکيون ، آبشارن جا منظر**
*****
**ائين درد مون وٽ ، ڪٺا ٿي ويا هن**
**جئين ڪهڪشان تي، ستارن جا منظر**
*****
**ڏکيا ٿي هرڻ، مينهن وسندي پٽن تي**
**اٿم ياد ٿر جي ، نظارن جا منظر**
*****
**تصور جي اُڀ تي ڦِرن تنهنجون يادون**
**جئين ڪي پکين جي، اُڏارن جا منظر**
*****
**خزائون ڪيو سڀ ، اسان جي حوالي**
**رکو پاڻ وٽ سڀ ، بهارن جا منظر**
*****
**سڪل ٺوٺ ڇپڙن تي، ٿوهر ڦٽا هِن**
**ڏٺا ئي ڪٿي ٿئي ، اجارن جا منظر**
*****
**جڏهن "سيال" سامهون سڄڻ ڪي ڏسن ٿا**
**لڳي ٿا لڳن ، ماهہ پارن جا منظر**
*****

# غزل

**سونهن جا سردار مان ، دربان تنهنجي در ٿيان**
**چنڊ تون ٿي چوڏهين جو ، مان وري امبر ٿيان**

*****

**تون رسالو شاهه جو ٿين ها ، پڙهان ها هر گهڙي**
**هاڻ تون ڪو بيت ٿي ، مان صاف ڪو ڪاڳر ٿيان**

*****

**ٿي نه تون نوري سگهين ۽ مان تماچي ڪين ٿيس**
**نينهن جي پوءِ ناوٽي ، مان قرب جي ڪينجهر ٿيان**

*****

**نيڻ تنهنجا ٿي پوان ، تون هر گهڙي ڇيڙين چنيين**
**يا تہ پائين پيار مان ، ڪو قيمتي زيور ٿيان**

*****

**خون ٿي منهنجي رڳن ۾، جي نہ آن رلجي سگهيو**
**مئہِ محبت جي تہ ٿي ، مان سِڪ جو ساغر ٿيان**

*****

**عڪس بنجي رهہ اکيون پنهنجون ٿو ڪيميرا ڪريان**
**يا تہ تون تصوير ٿي ۽ مان حسين منظر ٿيان**

*****

**ڇو نہ آئينو ٿيان ، مون ۾ ڏسين تون ، پاڻ کي**
**"سيال" مالڪ ساهه جو ٿي ، آءُ تنهنجو گهر ٿيان**

*****

# غزل

جت ذهنن تي هن زنگ لڳل، ات چاهت چنگ وڄن ته ڪئين
جت ڏاهپ ڪي هن ڏنگ لڳل، ات راڳل رنگ رچن ته ڪئين

*****

جنهن محفل گهرو غير هجي، جت اڪ اڪ ۾ ڪو ڦير هجي
جت مير دلين ۾ ڍير هجي، ان پاسي پير ڪڇن ته ڪئين

*****

جنهن آڏو لفظ نه نکرن ٿا، جت سونهن جا سورج اُيرن ٿا
اُن ڏاڍي ماڻهو ڪي آخر، ڪي ڏوراپا به ڏجن ته ڪئين

*****

جت لهر لهر ۾ شور هجي، جت چاري چاري چور هجي
ات پيار وفا جا پانڌيڙا، سڪ چين سان پار پڄن ته ڪئين

*****

جت وک وک اڏيل ڄار هجي ۽ تيرن جي وسڪار هجي
جتي ٿيندو روز شڪار هجي، اُت سهڻا مور اچن ته ڪئين

*****

جي سونهن مٿان ، ٿا ناز رکن ۽ ماڻا بي انداز رکن
جي يار وفائن ڪان وانجهيل، سي پاڙيندا به وچن ته ڪئين

*****

ڪو "سيال حيات" نه سار لهي، ڪئين پيار پڪي اُن پار لهي
جن اکڙين پاڻي تار لهي ، اُت زنده خواب بچن ته ڪئين

*****

# غزل

**تپندڙ ڏرتي ، ٻرندڙ ماڻهو**

**پل ، پل جيئندڙ ، مرندڙ ماڻهو**

*****

**ڪنهنجي دل کي ڪيئن توڙيندا**

**مِٽيءَ وانگيان ، ڀُرندڙ ماڻهو**

*****

**نيٺ ڪناري ، پهچي ويندا،**

**توڪل ترهي ، ترندڙ ماڻهو**

*****

**سونهن ننگر ۾ ، سوالي آهن**

**دان وفا جو ، گهُرندڙ ماڻهو**

*****

**سيس بچائڻ ، ڪين سکيا هن**

**سوريءَ ڏي جي ، سُرندڙ ماڻهو**

*****

**ڏرتي رت سان راڱي ويندا ،**

**جيون جنگ ۾، جهُرندڙ ماڻهو**

*****

**“سيال حيات” ڪٿي جي سگهندا**

**نظرن ڪان جي ، ڪِرندڙ ماڻهو**

*****

# غزل

**تانگهہ تتل ، تندورن وانگي**

**آس ٿتل ، معذورن وانگي**

*****

**پيارا توکان، پوءِ ٽا گذرن**

**سارا پل ، عاشورن وانگي**

*****

**اُجڙيل آسون، اُڌڙيل ارمان**

**اکڙيون پرندڙ ،کورن وانگي**

*****

**تڙپڻ کي ٻہ تما شو سمجهي**

**مرکي پيو ، مغرورن وانگي**

*****

**خوشيون ساريون ، خال برابر**

**خواب حساب اٽپورن وانگي**

*****

**تنهنجي اک جي بند کولي ۾**

**منهنجو من محصورن وانگي**

*****

**"سيال حيات"سڄوجڳ تو بن**

**مون تہ ڏٺو، بي نورن وانگي**

*****

# غزل

ٻڌايم عشق جا ٽوڪي ، قصا انمول، وسري ويئي
ڪلي موتين سان تو منهنجا ڀريا پئي جهول ، وسري ويئي
*****
علامہ آءِ آءِ جي هئي ، پرسان ايلسا وينل
انهن آڏو ڪياسين قرب جا ڪي قول ، وسري ويئي
*****
ڪنڌي ڪينجهر جي ويهي جو، پسايئي پير پاڻي ۾
صفا مدهوش ٿي پيو هو سڄو ماحول، وسري ويئي
*****
هو ننڍڙا تارڙا هلندڙ، جڏهن هڪڀئي ڪي ڏسبا هئا
تہ ڪيڏي عرش تي ٿيندي هئي ٻولان ٻول، وسري ويئي
*****
لڌ ئي ڪا سار، تنهنجي پيار، پهچايو ڪٿي مونکي
اڳي ڪيئن جهٽ ۾ چوندو هئين نہ ٿي تون رول ، وسري ويئي
*****
ڀري ڪان اڱ ڪندو اغيار تي ڦٽڪار هئين ، هاڻي
ڏنئي هٿ غير جي هٿ ۾ پڙهڻ لاحول ، وسري ويئي.
*****
وساريئي پيار منهنجو "سيال" ڪائي ڳالھ نا هي ، پر
اٿم حيرت جو پنهنجا ئي ٻڌايل ٻول ، وسري ويئي
*****

# غزل

**جنهن ڏينهن، اسان وٽ آيو، اجل**

**چو تنهنجي نيڻن هاريو، ڪجل**

*****

**مان ٿر جي پٽ تي ، ٿوهر ڪو**

**تون ڪينجهرڪپ تي نيل ڪنول**

*****

**مون سڪ آڇي ، تو زر طلبيو**

**مون دُعا ڪئي، تو ماڻي، منزل**

*****

**مان ، تنها ٽڙيان ، راهن ۾**

**ءِ تو وٽ ، ساڳيو ميڙ ، متل**

*****

**منهنجي ڪاتي ۾ لِڪ ڪوٺ سچي**

**تون پاڻ ڏي، پوري آڻ ، اُتل**

*****

**جي عشق تہ سِر جو سانگ ڪتي؟**

**ڇا پير پٽون ، ڇا جهنگ، جبل**

*****

**هُن ڪوڙ پنا سانديا ، جن تي**

**هئا "سيال حيات" جا شعر، لکيل**

*****

# غزل

اکين کي مليا جو، اکين جا نيا پا
تڏهن درد دل کي ، ڏنا پئي دلاسا
*****
محبت سان من جون مٽيون نيٺ پربيون
اوهان ٻي تہ پياسا ، اسين ٻي تہ پياسا
*****
ڪنهن موڙ تي جي ملياسين تہ ويهي
وڏا هڪٻئي کي ، ڏبا ڏک ڏورا پا
*****
جڏهن سنگدل جو ڪئي سنگ باري
کنيا پاڻ پنهنجي ، وفائن جا لاشا
*****
اُتي ئي بهارن جا ، ميلا مچن ٿا
جتي پيار وارن ، کلي پير پاتا
*****
مڃين جي تہ منڙا ، اهو عرض ميجان
متان ڏار ٿين کي، ڳنڍي نيهن نا تا
*****
هجومِ جهان ۾، گهٽا گُم ويا ٿي
مگر "سيال" پنهنجا تہ ساجن سچا تا
*****

# غزل

اکڙين جي عظمت جو سارو ، خوا بن مان اندازو ٿئي ٿو

دل جي وسعت ۽ حيثيت جو ، دردن مان اندازو ٿئي ٿو

*****

ڪالهه اٿيو طوفان هو ڪيڏو ، زور هوائن ڪيڏو لاتو

ڪيڏي تيزي ساڻ ڪريا وڻ ، پن پن مان اندازو ٿئي ٿو

*****

هاريا ڻي ڪي سا مهون ڏسندي ، ڏند ڪَيي ، ڏاڍيان ڳا لهائي

رئيس وڏي جي ، غيرت جو سيپ ، ٿهڪن مان اندازو ٿئي ٿو

*****

دنيا ڪيڏا دان ڏنا ۽ نان جي عيوض ، جان وڪاڻي

پنڻي جي مُٺ ۾ ڦاٽل ڪجهه ، پئسن مان اندازو ٿئي ٿو

*****

دل جون ڳالهيون دل ۾ رک ، چپ چورڻ جي تڪليف نه ڪر تون

مونکي تنهنجي مُک تي وڪريل ، مرڪن مان اندازو ٿئي ٿو

*****

سالن ڪان پوءِ جيئن ملياسين ، لڙڪن ڪي روڪي نه سگهياسين

اڻ جهل احساسن جو دل جي ، دڙڪن مان اندازو ٿئي ٿو

*****

جهُوراڪين مان جهاتيون پاتيون، جيون جي هر تلخ تجربي

"سيال حيات" صديون ڪيئن ڪاٽيون،نيڻن مان اندازو ٿئي ٿو

*****

# غزل

اڄ اڇڻ جي آسري ۾ ، وار چاندي ٿي ويا

ڏينهن ٻن جي واعدي ۾ ، وار چاندي ٿي ويا

*****

آخري ٻيرو اچان پي، تنهنجي پهچڻ کان اڳي

روز ويندي مئڪدي ۾ ، وار چاندي ٿي ويا

*****

هن ڏينهن محرم بہ ساڳيو، حال پوئين سال جيان

ماتمي هن قافلي ۾ ، وار چاندي ٿي ويا

*****

ڪيپ اهڙا ويا چڙهي جو، خواب ٿي وئي هر خوشي

نينهن جي هڪڙي نشي ۾ ، وار چاندي ٿي ويا

*****

تو لکيو ايندس سگهو مان، هاڻ تون هارين متان

پيار جي، ننڍڙي پني ۾ ، وار چاندي ٿي ويا

*****

درد دل جا ڍوئيندي ، هن زندگي ڍوئي ڇڏي

هاڻ ٺاريندي، ٺري ۾ ، وار چاندي ٿي ويا

*****

ڄاڻ "سيال حيات" پهتو ، پاڻ کي ٺاهي وٺان

اڪ اڙآئي، آئيني ۾ ، وار چاندي ٿي ويا

*****

# غزل

اوهان جن کي گھمندي گھٽين ۾، ڏٺو آ
اوهان کي انهن پنهنجي من ۾، ڏٺو آ
*****
جي ڳوڙهن سان ٿا زخم خوابن جا ڌوئن
ڪڏهن تو انهن جي اکين ۾، ڏٺو آ
*****
تڏهن پاڻ کي پي، سنوارڻ جو سوچيم
جڏهن سانوريءَ کي، سکين ۾، ڏٺو آ
*****
ڪئين تون نقابن ، حجابن ۾ ڦاٿين
ڪڏهن تو ڪو پردو، پکين ۾، ڏٺو آ
*****
اهو پنهنجو ساٿي مون سمجهو آ،جنهنجو
ٻڏل ساهه ، سڪ جي سڳن ۾، ڏٺو آ
*****
ڪري وهڪرو تنهنجون ، يادون وهن ٿيون
ڪٿي رت ، پنهنجي رڳن ۾، ڏٺو آ
*****
جڏهن ڪان ٻہ آ "سيال" سانير، تڏهن ڪان
نگاهن کي ، تنهنجي دڳن ۾، ڏٺو آ
*****

# غزل

اسان ڪاڪ جا جي نہ راڻا هئا سين، اوهان وٽ بہ مومل جا ماڻا ڪتي هئا

وسارڻ گهريئي، سو وساري ڇڏيئي پر، وڏا رنج ايڏا رساڻا ڪتي هئا

*****

سڄي رات ٽم ٽم ستارا امبر تي ۽ بلبن جي جهر مر سموري شهر تي

رڳو تو وسايون ٻتيون پنهنجي گهر جون، اجا ديپ دل جا اُجهاڻا ڪتي هئا

*****

اوهان جون نگاهون تہ قاتل هيون پر، اسان جي اکين ۾ نہ گهٽ ڪئي اسان سان

پرين شوقِ الفت بہ جهوري وڌو هو ، رڳو دل جا دشن فلاڻا ڪتي هئا

*****

اسان سر سنگينن رکي ۾ ڏنو آ ۽ ٻرندڙ اڱارن تان گذري وياسين

مگر مهل مشڪل جي آئي جڏهن ۾ ، نہ ڳولي لڌا دل جا داڻا ڪتي هئا

*****

اٿيا تيز طعنن جا طوفان جڏهن ، وڏا نينهن جا مينهن ، نيڻن وسايا

اوهان جو ڪلڻ ۾ ڪنوڻ جي مثل هو ، جليا هوئن پنهنجا تڪاڻا ڪتي هئا

*****

اڳي ٿيا نہ جن جا ، پلنگ ۾ پراڻا ، انهن ڪي وڻيا ، هاڻ واري وڇاڻا

عطا عشق الفي ڪئي "سيال" جن ڪي ، اهي عشق وارا اياڻا ڪتي هئا

*****

# غزل

**ڪا تہ اندر ۾ اڻ تڻ ٿئي اڪ آلي ٿئي**
**پيار ڪري ڪا ، شايد پيڙا پالي ٿئي**

*****

**پنهنجو اندر ڪائڻ ، پنهنجا لڙڪ پيئڻ**
**نينهن نگر جي، ريت پريت نرالي ٿئي**

*****

**محبت ۾ هُو "مير" ، فقير آ بنجي ويو**
**۽ هُو باهہ بني ۾ بيٺي ، بالي ٿئي**

*****

**ايٿوپيا جا ، اُن ڪان وسريا افسانا**
**جنهن بہ ڏٺي هن ڌرتي جي بدحالي ٿئي**

*****

**تيزابن جي تڙپ ، تماشو سمجهي ٿي**
**سا اڪ، سا دل، احساسن ڪان خالي ٿئي**

*****

**جنهن دل سان تون ڪيڏيو هئين، اڄ توڪان پوءِ**
**سا دل ڇورن ٻارن جيئن ، اُٻالي ٿئي**

*****

**دنيا جي درٻارن ڪان آ ، ڏور گهڻو**
**سونهن نگر ۾ "سيال حيات" سوالي ٿئي**

*****

# غزل

مون ننڊ ڳولي رات ڀر ، تون بي خبر سپنن ۾ گم
هئا نيڻ تولئهِ منتظر ، تون بي خبر سپنن ۾ گم

*****

تولاءِ مون، تارا تکيا ، چارا ٻه هئا سارا تکيا
آخر اکيون ٿي ويون پٿر، تون بي خبر سپنن ۾ گم

*****

جت روشنيون ۽ رنگ هئا ، جت دلبرن جا دنگ هئا
اُت مان مسافر دربدر ، تون بي خبر سپنن ۾ گم

*****

مان جهنگ جهر توکاڻ ويس، ڪاهي ڪُنن ۾ پاڻ پيس
لڙهندو رهيس هرهڪ لهر، تون بي خبر سپنن ۾ گم

*****

تو پاڻ وٽ سانديي رکيون، احساس ڪان خالي اکيون
ٿي زندگي ڪنهنجي زهر، تون بي خبر سپنن ۾ گم

*****

مان راهه ۾ رلندو رهيس، جلندورهيس، هلندو رهيس
هئا سور مون سان همسفر، تون بي خبر سپنن ۾ گم

*****

جت سونهن هئي سنسار جي، برسات تنهجي پيار جي
اُت "سيال" مان پهتس مگر، تون بي خبر سپنن ۾ گم

*****

# غزل

**ڪيڏو پاٽي تار ، اکين ۾**

**سڏڪي پئي ڪا سار،اکين ۾**

*****

**جيءُ جياپو آهن ، جيڪي**

**گهارياسين پل چار ،اکين ۾**

*****

**سال ٿيا جو، ترسي پيو آ**

**اوجاڳن جو بار ، اکين ۾**

*****

**پيار پڪيئڙو، ڪيئن نہ ڦاسي**

**ڪو تہ اڏيل هو ڄار ،اکين ۾**

*****

**ڳوڙها اگهندي ڪالهہ چيائين**

**پنبڻي جو پيو وار، اکين ۾**

*****

**ڪوپل ساري جڳ کي پلجي**

**ويهہ اسان جي يار، اکين ۾**

*****

**"سيال حيات" لڪائي سگندل**

**خنجر جي ڪا ڌار، اکين ۾**

*****

# غزل

اوهانجي شهر جون ، کھاٽيون وڏيون هن
دلِ منتظر جون ، کھاٽيون وڏيون هن
********
هلي هڪ قدم گڏ ، ڪري الوداع ويو
حسين همسفر جون ، کھاٽيون وڏيون هن
********
ٻڌايان سهي پر ٻڌي تون نہ سگھندين
اسان وٽ هجر جون، کھاٽيون وڏيون هن
********
مليا نيڻ هئا ۽ جڏهن پيار ٿيو هئو
انهي پل پهر جون ، کھاٽيون وڏيون هن
********
ڪيئين دل جي دنيا ۾ ، ڏاڙا لڳن ٿا
نماڻي نظر جون ، کھاٽيون وڏيون هن
********
ڦٽي باڪ ۽ خواب سارا ٽٽي پيا
اُجڙ ٿيل سحرجون، کھاٽيون وڏيون هن
********
ڪڏهن مئڪدو آ ، ڪڏهن آهي مقتل
پرينءَ جي نگر جون، کھاٽيون وڏيون هن
********
اهو "سيال" جيڪو ، صفا سادڙو آ
انهيءَ بي خبر جون ، کھاٽيون وڏيون هن
********

# غزل

**گهڙي ويهہ توتان کي، نغمات گهوريان**
**سيئي خوبصورت ، خيالات گهوريان**
*****
**سنجها ويل جون، سُر مئي ساعتون سڀ**
**۽ پوڄا جي ويلا هو، پريات گهوريان**
*****
**قضا جي ٻہ سجدا ٿيا ، سي ادا ٿين**
**سيئي بندگي جا مان ، اوقات گهوريان**
*****
**اکين جي محل ۾ ، اچي ويهہ سانول**
**تہ ڳوڙهن جي موتين جي برسات گهوريان**
*****
**رڳو هيءُ جيون ، تہ ڇا هر جنم جا**
**سيئي جرڪندڙ جيءُ، جذبات گهوريان**
*****
**ڀنيون ماڪ ۾ جي ٻہ معصوم مُکڙيون**
**۽ ڪوئل جي توتان متي، لات گهوريان**
*****
**ڏنو ڏانو آ ، ڏيهہ ۾ جنهن جيئڻ جو**
**اها "سيال" توتان پنهنجي، ذات گهوريان**
*****

# غزل

**جڏهن ڪان جيءُ ۾ جذبن ، اچي ڪي جهاتڙيون پاتيون**
**تڏهن ڪان سونهن جي سپنن، اچي ڪي جهاتڙيون پاتيون**

*****

**رهي ڪجهہ ڏينهن نيڻن ۾ ، ويو ڪو ننڊ چورائي**
**تہ پوءِ اکڙين ۾ اوجاڳن ، اچي ڪي جهاتڙيون پاتيون**

*****

**اوهان جي سار بي اختيار ٿي پئي ، ساهہ ۾ تڏهن**
**اندر ۾ عشق جي اُڌمن ، اچي ڪي جهاتڙيون پاتيون**

*****

**ڀري محفل ، ڏسي توڪي ، ٿيا جذبات بي قابو**
**لبن جي سيج تي مرڪن ، اچي ڪي جهاتڙيون پاتيون**

*****

**ادا ، ڪا دلبري جي آهي ، يا ديوانگي ڇئجي**
**دريءَ جي اوٽ ڪان سڄڻن ، اچي ڪي جهاتڙيون پاتيون**

*****

**جڏهن ڪان تنهنجي ڀهچڻ جي ، ڏني پڪ آ پڪي ماٺهو**
**تڏهن ڪان دل اندر ڌڙڪن ، اچي ڪي جهاتڙيون پاتيون**

*****

**ٻٽايا ڪوٽ جو ڪڪرن اچي ، ڪلهہ چنڊ جي آڏو**
**سڄڻ جي "سيال" ساروٽين ، اچي ڪي جهاتڙيون پاتيون**

*****

# غزل

هر نظر تي، بد نظر جي ، آ نظر

هن متان، ساري شهر جي، آ نظر

*****

ڏُنڌ ۾ ڌُنڌلائجي ويون، زندگيون

ڳوٺ ساري تي، ڳهر جي، آ نظر

*****

موت ۾ ويو زلتن جي ور چڙهي

زندگي تي پئي، زهر جي، آ نظر

*****

تون پري ٿي وئين تہ پيارا پاڻ تي

هر ڏکي پل ۾ پهر جي ، آ نظر

*****

گهور هڪڙي جا گهٽا گهايل ڏٺم

ڪا قيامت ۾ قهر جي ، آ نظر

*****

پنهنجي منزل جو پتو وسري ويو

وئي ملي هڪ همسفر جي، آ نظر

*****

هٿ ڏسي چوندا نجومي ۾ ايئين

“سيال” تي ڪنهنجي صحرجي، آ نظر

*****

# غزل

اي سونهن سِرن سان راند ، نہ ڪر
۽ پاڻ بہ ، آلا پاند ، نہ ڪر
********
ويا ڪيڏا ڪچي ڪنڌ ايئين
تون ڇيريون پائي ڇاند ، نہ ڪر
********
هر سپنو ، ساڀيان ٿيڻو آ
تون ايڏي آنڌ ۽ مانڌ ، نہ ڪر
********
ڪو ڪيئن جهليندئي ، او جوڌا
تون ويرين سان ويڙهاند ، نہ ڪر
********
ٿو عقل کي تورين ، طاقت سان
ڏاهپ جي سامهون ڏاند ، نہ ڪر
********
جنهن جُوءِ ڇڏي ۽ جوءِ ڇڏي
اهڙو بہ ڪميڻو ڪانڌ ، نہ ڪر
********
ڪيڏو نہ مٺو آ، " چنب " چوڻ
ان لفظ کي ڦيري چاند ، نہ ڪر
********
ڪر "سيال" جي حال تي نظرِ ڪرم
ائين ستم روا هيڪاند ، نہ ڪر
********

# غزل

**وهم وڇڙڻ جا پرين، تون ساهه جي ، ويجهو نہ رک**

**لوڪ جون ڳالهيون ڪڏهن پيءِ چاهه جي، ويجهو نہ رک**

*****

**بيوسي ڪنهنجي ڪي آڻي ، بي رُخي پنهنجي اڳيان**

**پنهنجي ٿڪن ڪي تون ڪنهنجي آهه جي، ويجهو نہ رک**

*****

**ڪيترو نقصان ٿيندو ، تون نہ ٿو سوچي سگهين**

**منٿ مڃ منڙا ، ڪپهہ ڪي باهہ جي ، ويجهو نہ رک**

*****

**ڪر عقيدن ڪي نہ تون ، سوالن جوابن جي نظر**

**پرم دل جا ، ذهن جي پيچ ڊاهہ جي ، ويجهو نہ رک**

*****

**بدگمانين جي وڃي ، برسات ۾ چو ٿو پڄين؟**

**تون اميدن ڪي انهي اونداهہ جي ، ويجهو نہ رک**

*****

**راز جون ڳالهيون نہ سلجن ، راهہ ويندڙ سان ڪڏهن**

**پيار پنهنجي ڪي تہ ڪنهن بدخواهہ جي ، ويجهو نہ رک**

*****

**"سيال" سڄڻن ۾ سخا جون ، سئو اميدون رک "حيات"**

**ٿي نہ غافل ، پاڻ ڪي، گمراهہ جي ، ويجهو نہ رک**

*****

# غزل

شيشن جا مليل زخم، سڀي ڪير، هلي آءُ
دلدار منهنجي دل ۾، نہ ڪر دير، هلي آءُ
*****
مان راهہ ۾ رت ڇاڻ، اڇان ڪيئن اوهان ڏي
نانگن جا ڏنگيل ، پاڻ ڏسڻ پير، هلي آءُ
*****
وِڪ توڏي ڪٽان ڪيئن، ڏسي لوڪ ٿو سارو
ڇمڪي ٿي پوي ڇوهہ منجهان ڇير، هلي آءُ
*****
رسمن ڪي ميجون ٿا تہ، ڪري روح ٿو ريهون
وهمن تہ وڏو آهي، وڏو وير ، هلي آءُ
*****
جيئڻ جا مرڻ جا ، جي ڪجن قول ڪنهين سان
ڀلجي نہ ڀڃڻ گهرجي اهو ڀير ، هلي آءُ
*****
هر وقت ، عبادت ۾ گهران تو لئہِ دعائون
ٿو شام صبح تنهنجو گهران خير، هلي آءُ
*****
تون "سيال" مٿان ڀال ڪجان ،زندگي جيسين
ڪنهن عشق مڃيو نا هي ڪو انڌير، هلي آءُ
*****

# غزل

**تون بہ شيشي پور وانگيان ، مان بہ هان سارو ٽٽل ،ڇا حال هڪبئي کان پڇون**
**تنهنجون اوجاڳيل اکيون ۽ نيڻ منهنجا پيي پنل ، ڇا حال هڪبئي کان پڇون**

❊❊❊❊❊

**سي برابر ڏينهن هئا ، محبت جا وسندا مينهن هئا ، هاڻي تہ برسن ٿيون اکيون**
**ڳل اجا تنهنجا بہ آلا ، منهنجو دامن پيي پسيل ، ڇا حال هڪبئي کان پڇون**

❊❊❊❊❊

**ڏينهن راتيون ڏيھ جي ڏک درد سان وڙهندي ويون ، تنهنجون بہ ۽ منهنجون بہ من**
**مان بہ ڇڪنا چور آهيان ، تون بہ آن ڏاڍو ٿڪل ، ڇا حال هڪبئي کان پڇون**

❊❊❊❊❊

**آءُ تہ ٻاري ٻا هڙي ، سُجهندو ڪري ، سوچيون ٻئي، ڪئين پير ظالم جا پٽيون**
**راھ ساڳي تي ٻنهي جا ، قافلا آهن لُٽيل ، ڇا حال هڪبئي کان پڇون**

❊❊❊❊❊

**پيار جي هئي ڇانو، هيٺي هانو تي، هاڻي مگر ، آذر تتي ٿامي مٿل ،**
**با ھ تو وٽ پيي ٻريل ، ۽ دوڏ مون وٽ پيي دُکيل ، ڇا حال هڪبئي کان پڇون**

❊❊❊❊❊

**سار جو آبار ، تنهنجي پيي مٿان ، مون جيترو، سو "سيال" پورو ٿم پتو،**
**خواب مونکان پيي کسيل ، ۽ تو کان پيي سپنا رُٺل ، ڇا حال هڪبئي کان پڇون**

❊❊❊❊❊

# غزل

**دل گهُريئي دلبر جي آ ، مون تي نظر**
**پيار ڪنهن پوتر جي آ ، مون تي نظر**
*****
**پياس جي مان پڇ ڪان ، ڏاڍو پري**
**ساقيءِ ڪوثر جي آ ، مون تي نظر**
*****
**تو جڏهن ڪان جيءَ ۾ ، جايون ڏنيون**
**تنهنجي ساري تر جي آ ، مون تي نظر**
*****
**شهرِ جانان ، جي آ ، مونتي ڇانو ۾**
**ان علم جي درجي آ ، مون تي نظر**
*****
**عشق ڪي اعزاز ، حسنِ حق ڏنو**
**باطن و ظاهر جي آ ، مون تي نظر**
*****
**"سيال" ڇوڳوليان ڏنڊون ڏورا "حيات"**
**سونهن جي ساگر جي آ ، مونتي نظر**
*****

رابطي لاءِ

# سيال حيات

پڪا چانگ، تعلقو فيض گنج،

خيرپور ميرس

Siyalhayat_sindh@yahoo.com

0333_7036311

# اسد علي سيال

حيدرآباد

Siyal_sindh@yahoo.com

0333_2742374

# سيال حيات



سنڌ جي ٻهراڙيءَ سان تعلق رکندڙ سيال حيات سنڌي نظم توڙي نثر ۾ تمام گهڻو لکيو آهي. شاعري ، ڪهاڻيون ، ڊرامه ۽ ڪالم تمام سٺي ۽ سهڻي انداز ۾ لکي ٿو. ادب سان سندس تمام پراڻو لڳاءُ آهي. سندس ڪجهه گيت ۽ غزل مختلف فنڪارن جي آواز ۾ ريڊيو تان نشر ٿيا آهن ۽ سندس ڊرامه پڻ سنڌي ميڊيا تان ٽيليڪاسٽ ٿيندا رهيا آهن. ان ڪانسواءِ سندس ڪهاڻيون شاعري ۽ ڪالم پڻ مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن.

سندس هيءُ ڪتاب سندس ڪجهه غزلن تي مبني آهي اميد ته توهان کي پسند ايندو ۽ سنڌي ادب ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهيندو.

اسد علي سيال